5 نومبر 2026ع (بمطابق 24 جمادي الاول 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

حضرت جَرجِيس جو واقعو

(نيڪيءَ جي دعوت جي جذبي ۽ ان جي فضيلتن جي باري ۾ بيان)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ...باڪمال واپاري، بيمثال ڪارنامو
- ...مبلغ جي مدد ڪئي ويندي آهي
- ...نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي فضيلتن تي 2 حديثون
- ...نيڪيءَ جي دعوت نه ڏيڻ جا نقصان

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن توهان مان ڪو وضوءَ مان فارغ ٿئي تہ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ پڙهي پوءِ منهنجي مٿان درود شريف پڙهي، جڏهن هُو هي پڙهندو تہ ان جي لاءِ رحمت جا دروازا کوليا ويندا. (1)

درد و اَلم کے سر پہ ہوں بادل، درود پڑھ | مل جائے گا سکوں دلِ بیکل! درود پڑھ
ان کی ہی بارگاہِ مُنوّر میں صبح و شام | کونین میں ہیں سب سے جو افضل، درود پڑھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

1.... سنن كبرىٰ للبيهقي ، باب تسمية على الوضوء، جلد:1، صفحه:141، حديث:198۔
2...بخاري، كتاب بَدءِ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ❖ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ❖ بااَدَب ويهندس❖ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي پائرو! حضرت جَرجِيس رَحمَةُاللّٰهِعَلَيْه گذريل اُمتن ۾ وڏي مرتبي واري شخصيت ٿي گذريا آهن. ڪجهه علماءِ ڪِرام فرمايو آهي تہ پاڻ نبي هئا.[1] ڪجهه عالمن فرمايو تہ پاڻ نبي نہ، پر حضرت عيسيٰ عليه‌السَّلام جا اُمتي هئا. ڪين حضرت عيسيٰ عليه‌السَّلام جي حَوارِين يعني ساٿين جي صحبت نصيب ٿي.[2]

اڄ اسان حضرت جَرجِيس رَحمَةُاللّٰهِعَلَيْه جو واقعو ٻڌڻ ۽ ان مان سبق پِرائڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

باڪمال واپاري، بيمثال ڪارنامو

ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضرت جَرجِيس رَحمَةُاللّٰهِعَلَيْه واپار (*Trading*) ڪندا هئا ۽ انهن جي واپار ڪرڻ جو انداز مبارڪ بلڪل نرالو هو ❖ڪين واپار مان جيڪو بہ نفعو حاصل ٿيندو هو، ان مان پنهنجي ضرورت جيترو پاڻ وٽِ رکندا هئا ۽ بقايا سمورو مال الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا ❖ ڪيترائي دفعا هينئن بہ ڪندا هئا جو پنهنجو سمورو مال الله پاڪ

1... البدء و التاريخ، جلد:3، صفحہ:127۔
2 تاريخ طبری، ذكر خبر جرجيس،جلد:1،صفحہ:382 خلاصۃً۔

جي راهہ ۾ صدقو ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ خالي هٿين رهجي ويندا هئا، پوءِ جڏهن ٻيهر واپار ڪندا هئا تہ الله پاڪ کين برڪت عطا فرمائيندو هو ۽ پاڻ ٻيهر مالدار ٿي ويندا هئا. حضرت وَهْب بن مُنَبِّه رَحمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرت جَرجِيس رَحمَةُاللهِعَلَيْه کي ڪمائڻ جو شوق نہ هو، **صرف ان لاءِ واپار ڪندا هئا تہ جيئن ڪمائي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪري سگهن.**[1]

واپار ڪرڻ جون ڪجهہ نيتون

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪمائيندو تہ هر ڪو آهي ❖ ڪو واپار ڪندو آهي ❖ ڪو محنت مزدوري ڪندو آهي ❖ ڪو نوڪري ڪندو آهي. سيئي پنهنجي پنهنجي ضرورت ۽ صلاحيتن مطابق ڪمائيندا آهن، پر حضرت جَرجِيس رَحمَةُاللهِعَلَيْه جو مبارڪ انداز ڏسو ڪيڏو نہ باڪمال هو. کين مال گڏ ڪرڻ جو بلڪل بہ حِرص نہ هو. پاڻ ان لاءِ ڪمائيندا هئا تہ جيئن غريبن، فقيرن ۽ محتاجن جي مدد ڪري سگهن.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان بہ اهڙين سنين نيتن سان ڪمائڻ جي عادت اختيار ڪريون. ظاهر آهي ملٹو تہ اوترو ئي آهي جيترو اسان جي نصيب ۾ آهي، جيڪڏهن نيت سٹي ڪري وٺنداسين تہ ثواب بہ ملندو. مثال طور: ❖والدين جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ ڪمايان ٿو ❖زال ۽ ٻارن جا حق پورا ڪرڻ لاءِ ڪمايان ٿو ❖صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ❖غريبن ۽ محتاجن جي ڪم اچڻ ❖دين جي مالي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪمايان ٿو ❖ان ڪري ڪمايان ٿو تہ جيئن **مالي عبادتون** بجا آڻڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهان. اهڙيون ۽ انهن جهڙيون ٻيون بہ سنيون سنيون نيتون

1 تاريخ طبری، ذكر خبر جرجيس،جلد:1،صفحہ:382 خلاصۃً۔

ڪري ونو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دڪان تي ويهڻ، محنت مزدوري ڪرڻ ۽ آفيس ۾ جائز ڪم ڪرڻ ۾ عبادت ٻڌجي ويندو. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واپار ڇڏي، مبلغ ٻڌجي ويا

روايت آهي تہ هڪ پيري حضرت جَرجِيس رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه موجوده عراق جي مشهور شهر **مُوصَل** پهتا. اتان جو بادشاهہ نهايت ظالم ۽ مشرڪ هو. پاڻ ڇڏهن بادشاهہ جي دربار ۾ پهتا تہ ڏٺائون تہ بادشاهہ تخت تي وينو آهي، سندس چوڌاري وزير ۽ صلاحڪار موجود آهن ۽ **اَفَلُون** (*Afallun*) نالي هڪ بت ۾ دربار ۾ رکيل آهي. ان جي پرسان باهہ ٻري رهي آهي. ماڻهن کي ان بت جي سامهون آندو پئي ويو جيڪو ان کي سجدو ڪري رهيو هو، ان کي آزاد ڪيو پئي ويو ۽ جيڪو سجدو نہ ڪري رهيو هو، ان کي باهہ ۾ وجهي ساڙيو پئي ويو.

ڇڏهن حضرت جَرجِيس رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اِها حالت ڏٺي تہ پڪو ارادو ڪري ورتائون تہ **هاڻي واپار ختم، بس هاڻي صرف هن بادشاهہ ۽ سندس رعايا کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي آهي.** تنهنڪري ڇڏهن بادشاهہ سان سندن ملاقات ٿي تہ پاڻ وڏي دليريءَ سان ڪيس نيڪيءَ جي دعوت ڏيندي فرمايائون: اي بادشاهہ...!! بيشڪ تون هڪ ٻانهو آهين، تون پاڻ پنهنجي ذات جو ۾ مالڪ نہ آهين. بيشڪ تنهنجو هڪ رَبُّ آهي، جيڪو توتي مڪمل اختيار رکي ٿو. ان ئي توکي پيدا ڪيو آهي، اهو ئي توکي رزق عطا فرمائيندو آهي، ان ئي توکي زندگي بخشي آهي ۽ اهو ئي توکي موت ڏيندو. اي بادشاهہ...!! تو مخلوق کي گمراهہ ڪيو آهي، تون

پاڻ بہ شرک ۾ مبتلا آهين ۽ ٻين کي بہ شرک ۾ مبتلا ڪري رهيو آهين. حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللہِعَلَيْه جي بلڪل واضح ۽ نهايت اعليٰ گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ بہ بادشاهہ کي هوش نہ آيو، ان بدبخت رهندو سرڪشي ڪندي چيو: اي جَرجِيس! اَفْتُون کي سجدو ڪر، يا باهہ جو عذاب سهڻ لاءِ تيار ٿي وڃ!

پاڻ رَحمۃُاللہِعَلَيْه شِرک کان باز رهيا ۽ پنهنجي ايمان تي ثابت قدم رهيا، هاڻي پاڻ اڪيلا هڪ طرف هئا ۽ ٻئي طرف بادشاهہ، ان جي فوج ۽ سندس سمورو شان ۽ شوڪت هئي. تنهنڪري ان ئي وقت کان حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللہِعَلَيْه جون آزمائشون شروع ٿي ويون. هاڻي ڏسو تہ اللہ پاڪ جي هن نيڪ بانهي ۽ باڪمال مبلغ ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون برداشت ڪيون.

بادشاهہ جو حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللہِعَلَيْه تي ظلم

❖بادشاهہ حڪم ڏنو تہ: جَرجِيس جي جسم کي لوهہ جي ڦٽين سان ڇِليو وِڃي، جيسيتائين سندن ڪل ۽ گوشت ڪٽجي نہ وڃي، تيسيتائين اِها سزا جاري رکي وڃي. بادشاهہ جي حڪم تي فوراً عمل ڪيو ويو، لوهہ جي ڦٽين سان سندن مقدس جسم کي ڇِليو ويو، ايسيتائين جو گوشت ڦاٽي پيو ۽ هڏيون نظر اچڻ لڳيون، جڏهن سندن سمورو جسم ڇلجي زخمي ٿي ويو تہ انهن زخمن جي مٿان سُرکو هاريو ويو.

اللہُ اڪبر! اوهان تصور ڪري سگهو ٿا تہ اها ڪيڏي نہ سخت سزا آهي! هڪ زنده انسان جي جسم کي لوهہ جي ڦٽين سان ڇِليو پيو وڃي ۽ زخمن تي سرکو هاريو پيو وڃي. ڪين ڪيتري سخت تڪليف ٿي رهي هوندي!

پر الله پاڪ جي قدرت ڏسو! گوشت چلجي ويو، رڳون ڪٽجي ويون، ان جي باوجود حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيْه کي موت نہ آيو.

❖ جڏهن بادشاهہ ڏٺو تہ کين موت ئي نہ ٿو اچي، تڏهن هن سزا بدلائي چڏي، چيائين: لوهہ جون ڪِليُون باهہ ۾ چگي طرح گرم ڪري جَرجِيس جي متي ۾ ٽوڪيون وجن، ان حڪم تي بہ فوراً عمل ڪيو ويو. الله پاڪ جي قدرت ۽ حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيْه جي ڪرامت هئي جو ايتري سخت ترين تڪليف جي باوجود بہ کين موت نہ آيو.

❖ پوءِ بادشاهہ ٿامي جو هڪ وڏو ٽانوُ گهرايو، ان کي باهہ تي رکيو ويو، جڏهن ٽامو چگي طرح گرم ٿي ويو تہ حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيْه کي ان جي اندر وجهي مٿان کان بند ڪيو ويو.

الله! الله! ڪيڏي نہ سخت تڪليف آهي. اسان وٽ اوون (*Oven*) ۾ ڪا شيءِ بن کان ٽن منٽن لاءِ رکي وجي تہ اها پُڄجي پچي ويندي آهي. توهان اندازو لڳايو تہ ٿامي جي انتهائي گرم ٽانوَ اندر حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيْه کي ڪيتري سخت تڪليف ٿي هوندي. پر قربان وڃجي! اُهو ئي ربّ ڪريم، جنهن حضرت ابراهيم عليه‌السَّلام لاءِ نمرود جي باهہ کي گلزار بٹائي چڏيو هو، ان ئي ربَّ رحمٰن حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيْه جي بہ مدد فرمائي ۽ ٿامي جي تتل گرم ٽانوَ کين ڪا تڪليف نہ پهچائي.

ايتريون تڪليفون ڏيڻ کان پوءِ بادشاهہ حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيْه کي گهرايو ۽ کانئس پڇيو: اوهان کي هيڏيون ساريون تڪليفون ڏنيون ويون، چا اوهان کي ٿورو بہ سُورُ نہ ٿيو؟ پاڻ وڏي اطمينان سان فرمايائون: مون

توکي ٻڌايو تہ آهي تہ منهنجو ربُّ هڪ آهي، اهو جانِ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي، ان ئي ربَ رحمٰن مون کي بچايو ۽ صبر جي توفيق عطا فرمائي. (1)

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حَسَن | بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کار ساز کا(2)

❖ ان کان پوءِ بادشاهہ حضرت جَرجِيس رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ کي قيدخاني ۾ بند ڪرائي ڇڏيو ۽ قيد بہ هن طرح ڪرايائين جو کين مُنهَن ڀر ليٽائي، سندن هٿن ۽ پيرن ۾ ميخون هڻائي ڇڏيائين ۽ سندن مبارڪ پٺيءَ تي هڪ تمام وزني پٿر رکرائي ڇڏيائين.

فرشتي قيد مان آزاد ڪرائي ڇڏيو

پاڻ ان ئي قيد ۾ هئا، جڏهن رات ٿي تہ هڪ فرشتو انهن وٽ آيو ۽ کين قيد مان آزاد ڪرائي ڇڏيائين. آزاد ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ٻيهر بادشاهہ ۽ سندس رعايا کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۾ مصروف ٿي ويا.

جڏهن پاڻ قيد مان آزاد ٿي ٻاهر تشريف کڻي آيا تہ بادشاهہ کين ڏسي حيران ٿي ويو ۽ پڇيائين: اي جَرجِيس! توکي قيد مان ڪنهن آزاد ڪرايو؟ پاڻ فرمايائون: ان ئي ربَ ڪريم آزاد ڪرايو آهي، جنهن جي بادشاهي تنهنجي بادشاهيءَ کان گهڻو مضبوط آهي.

ان کان پوءِ بہ کين ڪيتريون ئي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ان بدنصيب بادشاهہ حضرت جَرجِيس رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ کي 4

1... تاريخ طبری، ذکر خبر جر جيس،جلد:1،صفحہ:382-383ملتقطاً۔
2... ذوق نعت،صفحہ:18۔

پيرا شهيد ڪيو، پر الله پاڪ هر پيري سندن روح مبارڪ واپس موٽايو ۽ ڪين ٻيهر زنده ڪري ڇڏيو.[1]

ڏاندُ زنده ٿي ويو

هاڻي اِهي خبرون سڄي شهر ۾ پکڙجڻ شروع ٿي ويون هيون. جڏهن هڪ غريب عورت حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيه جون ڪرامتون ٻڌيون تہ اها سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ عرض ڪيائين: اي جَرجِيس! مان هڪ غريب عورت آهيان مون وٽِ هڪ ئي ڏاندُ هو، جنهن جي ذريعي مان هَرُ هلائيندي هيس. منهنجو ڏاند مري ويو آهي. افسوس! هاڻي مون وٽِ گذر سفر جو ڪو بہ ذريعو (*Source of Income*) باقي نہ رهيو آهي. مهرباني ڪري پنهنجي ربَ کي چئي منهنجو ڏاند زنده ڪرائي ڏيو.

اهو ٻڌي پاڻ روئڻ لڳا پوءِ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا گهريائون ۽ هڪ لڌ تي دَم ڪري اها عورت کي ڏيندي فرمايائون: هيءَ لڌ وڃي پنهنجي ڏاندَ کي هڻ، الله پاڪ جي حڪم سان تنهنجو ڏاندُ زنده ٿي ويندو ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو عورت جيئن ئي اها لڌ پنهنجي ڏاندَ کي هَنئي تہ اهو الله پاڪ جي حڪم سان فوراً زنده ٿي ويو.[2]

ميز وڻ ٻٽجي وئي

بادشاهہ جو هڪ وڏو وزير هو. هڪ ڏينهن ان حضرت جَرجِيس رَحمةُاللهِعَلَيه کي عرض ڪيو: اي جَرجِيس! سامهون ڏسو! هيءَ ڪاٺ جي ٺهيل هڪ وڏي ميز آهي ۽ ان جي مٿان ڪاٺ جا ٺهيل ٽانوَ رکيل آهن. جنهن ربَ جي اوهان

1 تاريخ طبری، ذکر خبر جرجيس،جلد:1،صفحہ:383 و384 خلاصۃً۔
2 تاريخ طبری، ذکر خبر جرجيس،جلد:1،صفحہ:385خلاصۃً۔

عبادت ڪندا آهيو، جيڪڏهن اُهو واقعي سچو ربُ آهي تہ دعا ڪريو تہ هيءَ ميز ۽ ٽانوَ ٻيهر پنهنجن پاڙن تي بيهن ۽ جيئن اڳ ۾ سرسبز وڻ هئا، هاڻي بہ ايئن ئي ٿي وڃن. اِهو ٻڌي حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللّٰہِعَلَيْہ اللّٰہ پاڪ جي بارگاھ ۾ ٻاڌائي ٻاڌائي دعا گھري، جيئن ئي دعا مڪمل ٿي تہ فوراً ميز ۽ ٽانون ۾ پن ڦٽڻ شروع ٿي ويا ۽ انهن جون پاڙون نهي زمين ۾ ڪُپي ويون. ڏِسندي ئي ڏِسندي اُهي ئي ٽانوَ ۽ ميز، جيڪي سامهون موجود هئا، ٻيهر سرسبز وڻ بڻجي ويا ۽ انهن تي گُل بہ ڦٽي پيا.[1]

پر افسوس! بادشاھ جي دل انتهائي سخت هئي. اهڙيون اعليٰ ۽ بلڪل واضح نشانيون ڏسڻ جي باوجود بہ هو حق قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.

باھِ وَسِي پئي

تقريباً 7 سالن تائين حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللّٰہِعَلَيْہ اهڙي طرح تڪليفون برداشت ڪندا رهيا ۽ ڪين نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا رهيا. سندن انهن لڳاتار ڪوششن جي برڪت سان 34 هزار ماڻهن ايمان قبول ڪيو، جن ۾ بادشاھ جا گھَر ياتي بہ شامل هئا. آخرڪار بادشاھ حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللّٰہِعَلَيْہ کي شهيد ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ بادشاھ ۽ سندس غير مسلم رعايا تي آسمان مان باھ وَسِي ۽ اُهي سڀ سڙي خاڪ ٿي ويا.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 تاريخ طبری، ذكر خبر جرجيس،جلد:1،صفحہ:385 خلاصۃً۔
2...تاريخ طبری،ذكر خبر جرجيس،جلد:1،صفحہ:384-388خلاصۃً۔

واقعي مان حاصل ٿيڻ وارا سبقَ

پيارا اسلامي پائرو! ڏسو هي ڪيڏو نہ ايمان افروز واقعو آهي. هن مان اسان کي گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ ملي ٿو.

نہ مڃڻ وارا تباهہ ٿي ويندا آهن

هڪ ڳالهہ تہ اِها معلوم ٿي تہ جيڪي ماڻهو حق واضح ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ ان کي قبول نہ ڪندا آهن، اُهي پنهنجو تمام گهڻو نقصان ڪندا آهن ❖ توهان ڏسو! فِرعون ڪيڏو شان ۽ شوڪت وارو بادشاهہ هو، پر اُن حق قبول نہ ڪيو ۽ ڪيس درياهہ ۾ ٻوڙيو ويو ❖نمرود سڄي دنيا تي حڪومت ڪندو هو، حق ڳالهہ قبول نہ ڪيائين ۽ هڪ مڇر جي هٿان موت جي منهن ۾ هليو ويو ❖شَداد حق ڳالهہ نہ ٻڌي ۽ ذلت جي موت مري ويو ❖قومِ عاد حق قبول نہ ڪيو ۽ سخت طوفاني ۽ تباهي آڻيندڙ هوا سان کين تباهہ ڪيو ويو ❖ قومِ ثمود حق قبول نہ ڪيو، سخت زلزلي سان فنا ڪيا ويا. مطلب تہ جيڪو حق قبول نہ ڪندو آهي، اُهو نقصان ئي ڪٽندو آهي. اسان کي گهرجي تہ حق ڳالهہ قبول ڪرڻ ۽ نصيحت مڃڻ جي عادت اختيار ڪريون.

هٹ ڏرمي جا مثال

افسوس! اڄڪلهہ اسان وٽ بہ ضد ۽ هٹ ڏرمي وڌندي پئي وڃي. ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي حق ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ ٿيندا آهن، جيڪڏهن ٻڌندا آهن تہ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن ❖ نيڪيءَ جي دعوت ٻڌي ڇِيلا بهانا ڪرڻ ❖ ننڍين ننڍين ڳالهين کي پنهنجي اَنا جو مسئلو بڻائي ڇڏڻ عام آهي ❖ڪيترائي ماڻهو نصيحت ڪرڻ کي پنهنجي بي عزتي

سمجهندا آهن ❖گهَرن ۾ ڏسو ته چوڪريءَ وارا، چوڪري يا سندس گهر وارن کي سمجهائي نہ سگهندا آهن ❖ننڍي خاندان وارا وڏي خاندان وارن کي سمجهائي نہ سگهندا آهن ❖عام ماڻهو کنهن وڏي ماڻهوءَ کي سمجهائي نہ سگهندو آهي ❖عوام کنهن ڏُنِيوي عهدو رکڻ واري شخص کي سمجهائي نہ سگهندو آهي ❖ مسجدن ۾ ڪو نوجوان عالم يا ديني مبلغ کنهن وڏي عمر واري پوڙهي کي سمجهائي نہ سگهندو آهي ماڻهو سمجهائڻ تي ڪاوڙجي پوندا آهن، نيڪيءَ جي دعوت کي پنهنجي اَنا جو مسئلو بڻائي ڇڏيندا آهن، ان ڳالهه جو خطرو رهندو آهي ته جيڪڏهن ڪا سڻي ڳالهه ٻڌائي وجي ته متان سامهون وارو ڪِچِيءَ ۾ نہ پئجي وجي.

پيارا اسلامي پائرو! جيڪڏهن اسان ۾ اهڙي عادت آهي ته ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. جڏهن به اسان کي حق ڳالهه ٻڌائي وجي ته ان کي فوراً قبول ڪريون. عمل ڪرڻ ۾ ڪمزوري هجڻ الڳ ڳالهه آهي، پر حق ڳالهه ٻڌي ضد تي بيهي رهڻ، ان کي قبول ڪرڻ بدران سمجهائڻ واري کي ئي گهَٹِ وَڏِ ڳالهائڻ، ڏاڍي خراب ڳالهه آهي. اڇڪلهه هي انداز به عام ٿي رهيو آهي ته جڏهن ڪو نيڪيءَ جي دعوت ڏيندو آهي ته ماڻهو ان جي ذات ۾ عيب ڪيڻ لڳندا آهن، مثال طور ❖ها! ها! تون پاڻ ته وڏو حاجي آهين ❖تون اسان کي سمجهائيندين؟ ❖تو جهڙا ڪيترائي ڏٺا آهن ❖ڪجهه بيباڪ ته ايسيتائين به چئي ڇڏيندا آهن ته مولانا...!! پنهنجو رستو پڪڙ، اسان ڄاڻون ۽ الله ڄاڻي.

حق سان دشمني ڇاکي ڇوندا آهن...؟

ياد رکو! ڪنهن ديني ڳالهه کي صحيح مڃڻ جي باوجود هڪ ڏرمي ءِ ضد جي بنياد تي ان جي مخالفت ڪرڻ کي عِنادِ حق (يعني حق سان دشمني) چيو ويندو آهي.[1] الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

أَلْقِيَا فِي جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيدٍ

(پارو: 26، سورة ق: 24)

ترجمو ڪنزالعرفان: (حڪم ٿيندو) توهان ٻئي هر وڏي ناشڪري ضِديءَ کي جهنم ۾ وجهي ڇڏيو.

يعني قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو ميدانِ محشر ۾ پهچندا تہ فرشتن کي حڪم ڏنو ويندو تہ هي جيڪي ناشڪرا ءِ ضِديرا ڪافر آهن، انهن سيني کي جهنم ۾ وِجهي ڇڏيو....!![2]

بن اکين واري جهنمي مُنڊِي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ڪان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهه مان هڪ مُنڊِي نڪرندي، جنهن کي بہ اکيون هونديون، جن سان هُوءَ ڏسندي، بہ ڪَنَ هوندا، جن سان هُوءَ ٻڌندي، هڪ زبان بہ هوندي، جنهن سان هُوءَ ڪلام ڪندي ءِ چوندي تہ مان ٽن قسمن جي ماڻهن کي عذاب ڏيڻ لاءِ مقرر ڪئي وئي آهيان ❖سرڪش ءِ ضِدي کي ❖ان شخص کي، جيڪو الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪري.[3]

1...حديقة الندية، الخلق الثانی والخمسون...الخ، جلد:2، صفحه:162۔
2 تفسير بيضاوی مع حاشيہ شيخ زاده، پاره:26، سورۂ قٓ، زيرِ آيت:24، جلد:7، صفحه:675۔
3...ترمذی، كتاب صفة جهنم، باب ما جاء فی صفة النار، صفحه:607، حديث:2574۔

الله! الله! پيارا اسلامي پائرو! تصور تہ ڪريو اِها ڪيڏي نہ سخت سزا آهي، جيڪو هڪ ڏرم آهي، ان کي قيامت جي ڏينهن ڳِهلي جهنم ۾ وِڌو ويندو ۽ ان تي جهنم جي باهہ مُسَلَّط ڪئي ويندي. اسان کي گهرجي تہ هڪ ڏرمي ۽ ضد کان پاسو ڪريون ❖ جڏهن معلوم ٿي ويو تہ ❖ هي ديني حڪم آهي ❖ قرآن ڪريم اسان کي هي حڪم ڏنو آهي ❖ حديث پاڪ ۾ هي حڪم آيو آهي❖ شريعت ۾ هينئن فرمايو ويو آهي، تہ پوءِ ان تي عمل ڪريون، ان جي آڏو پنهنجو ڪنڈُ جهڪائي ڇڏيون ۽ ضد ۽ هڪ ڏرمي کان پري رهون.

نيڪيءَ جي دعوت جا حريص بڻجي وڃو!

پيارا اسلامي پائرو! حضرت جَرجِيس رَحمۃُاللہِعَلَيْہ جي سيرتِ پاڪ تي وڌيڪ غور ڪريو، انهن جي اندر نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو جذبو ڪيترو نہ وڌيڪ هو...!!

سُبْحٰنَ اللہ! جڏهن پاڻ بادشاهہ ۽ ان جي رعايا کي شرڪ ۾ مبتلا ڏٺائون تہ.... ❖ واپاري هوندي بہ واپار ڇڏي ڏنائون ❖مال ڪمائيندا هئا ❖ سندن مصروفيتون هيون ❖ اميد آهي تہ ڪين ٻار ٻچا بہ هوندا، پر جيئن ئي پاڻ بادشاهہ کي غلط رستي تي هلندي ڏٺائون تہ ان کان پوءِ سندن زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد بڻجي ويو تہ مون کي هن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي آهي ۽ مسلسل ڏيڻي آهي.

افسوس! اسان جون تہ مصروفيتون ئي نہ ٽيون ڪُٽَن ❖اسان کي ڪمائڻو بہ آهي ❖ ڪائڻو بہ آهي ❖ ٻارَ بہ پالڻا آهن ❖ هڪ دڪان کان پوءِ ٻيو دڪان بہ ڪولڻو آهي ❖ سوشل ميڊيا تي بہ وقت گذارڻو آهي ❖ دوستن سان بہ

ويهڻو آهي ❖ گهمڻ ڦرڻ لاءِ بہ وڃڻو آهي، اسان وٽِ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ پلا وقت ڪٿي آهي...؟ افسوس!

نيڪيءَ جي دعوت لاءِ وقت ڪڍو!

ڪاش! اسان اها ڳالهہ سمجهي وڃون تہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ وقت پاڻمرادو نہ ملندو، پر اسان کي ان جي لاءِ وقت ڪڍڻو پوندو. وقت کي ترتيب (*Manage*) ڏيڻو پوندو آهي ❖ڪمائڻو آهي، ضرور ڪمايو! ❖ڪائڻو پيئڻو آهي، ضرور ڪائو پيئو! ❖ٻارن ٻچن جي سار سنيال لهڻي آهي، ضرور لهو! پر دين بہ تہ اسان جو ئي آهي نہ، ان جي خدمت لاءِ، علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ، سنتن جو عامل بڻجڻ ۽ بڻائڻ لاءِ، مسجدن کي آباد ڪرڻ لاءِ ۽ مسجد پريو تحريڪ ۾ حصو ونڻ لاءِ بہ تہ اسان کي ئي وقت ڪڍڻو آهي ❖وڌيڪ نہ، روزانو صرف بہ ڪلاڪ ئي وقت ڪڍو! ❖صرف هڪ ڪلاڪ ئي ڏيو! ❖هفتي ۾ فقط هڪ ڏينهن ئي سهي...!! 6 ڏينهن ڪمايو! ڪائو! پنهنجين مصروفيتن سان مُنهُن ڏيو! صرف هڪ ڏينهن الله پاڪ جي راهہ ۾ سفر ڪرڻ لاءِ ڏيو! ❖ اميرِ اهلِسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه قافلن جي ترغيب ڏيارينديِ فرمائن ٿا: هر اسلامي ياءُ زندگيءَ ۾ هڪ پيرو 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ سموري جمار هر مهيني 3 ڏينهن قافلن ۾ سفر ڪرڻ کي پنهنجو مَعمُول بڻائي ونيِ. ❖سجو مهينو 27 ڏينهن پنهنجين مصروفيتن ۾ گذاريو! هر مهيني صرف 3 ڏينهن قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ ڪڍو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! برڪتون نصيب ٿيندیون.

مبلغ جي مدد ڪئي ويندي آهي

سيپارو: 26، سورة مُحَمَّد، آيت: 7 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ

(پارو: 26، سورة مُحَمَّد: 7)

ترجمو كنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ تہ الله توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان کي ثابت قدمي عطا فرمائيندو.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ جيڪو بانهو الله پاڪ جي دين جي خدمت ڪندو آهي. مثلاً ❖ علمِ دين سکندو آهي ❖ بين کي سيکاريندو آهي ❖ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪندو آهي ❖ دين جي خدمت خاطر پنهنجو گهر بار ڇڏيندو آهي ❖ پنهنجن بارَن ٻچن جي جدائي برداشت ڪندو آهي ❖ پَري پَري تائين سفر ڪري دين ڦهلائيندو آهي ❖ پاڻ بہ نيڪيون ڪندو آهي ۽ بين کي بہ نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ الله پاڪ اهڙي بانهي جي مدد فرمائيندو آهي ۽ ڪيس نيڪ مقصدن ۾ ڪاميابي عطا فرمائيندو آهي. جيڪڏهن ان جي مٿان ڪا مشڪل يا پريشاني اچي ويندي آهي تہ ان جي مدد ڪئي ويندي آهي. مفسرين ڪرام تہ ايتري حد تائين لکيو آهي تہ جيڪو بانهو دين جي خدمت ڪندو آهي، الله پاڪ دنيا ۾ ان کي اسلام تي ثابت قدمي عطا فرمائيندو آهي ۽ آخرت ۾ پل صراط تي بہ ڪيس ثابت قدم رکندو. (1)

1...تفسير خازن،پاره:26،مُحَمَّد،تحت الآية:7،جلد:4،صفحه:141۔

کرم سے نیکی کی دعوت کا خوب جذبہ دے
میں پُل صراط بلا خوف پار کرلوں گا

دُوں دُھوم سُنّتِ محبُوب کی مچا یارَبّ!
ترے کرم کا سہارا جو مل گیا یارَبّ![1]

غیبي مدد حاصل کرڻ جو نسخو

پیارا اسلامي پائرو! هن آیت تي وڌیک غور کریو تہ الله پاک چا فرمائي رهیو آهي:

اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ یَنْصُرْكُمْ

(پارو: 26، سورۃ مُحَمَّد: 7)

ترجمو کنزالعرفان: جیکڈهن توهان الله جي دین جي مدد کندؤ تہ الله توهان جي مدد کندو.

سُبْحٰنَ الله! آیتِ مبارک جو هي حصو کیڈو نہ امید ڈیارڻ وارو آهي. الله پاک هي نہ فرمایو تہ اوهان جي کهڙي معاملي ۾ مدد کئي ویندي، پر مطلقاً فرمایو ویو تہ توهان دین جا خادم بڻجي وجو! الله پاک توهان جي مدد فرمائیندو، تنهنکري جیکا بہ مشکل هجي، پریشاني هجي ❖ بیروزگاري هجي ❖ پریشان حالي هجي ❖ تنگدستي هجي ❖ بیماري هجي ❖ والده بیمار هجي یا والد اسپتال ۾ هجي ❖ قبر ۽ آخرت جي معاملات جو خوف هجي ❖ یا جنت جي طلب هجي، مطلب تہ کهڙي بہ جائز خواهش هجي یا کا بہ ڏکیائي هجي، دین جا خادم بڻجي وجو! الله پاک غیب مان مدد فرمائي چڏیندو.

1...وسائل بخشش، صفحہ:77 ملتقطاً۔

19 سال پراڻو مرض نيڪ ٿي ويو

ڪراچي (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ياڻُ جو بيان آهي تہ مان تقريباً 19 سالن کان ساهہ جي بيماريءَ جي مرض ۾ مبتلا هئس، مون کي تمام گهٽي پريشاني هئي، ڪڏهن ڪڏهن تہ تڪليف تمام گهٽي شديد ٿي ويندي هئي. مان هر وقت انهيءَ فڪر ۾ رهندو هئس تہ مون کي آرام ڪيئن ملندو. آخرڪار هڪ پيري دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول سان گڏ قافلي جو مسافر بڻجي ويس، قافلي جي برڪت سان مون کي تمام گهٽو علمِ دين سکڻ جو موقعو مليو ۽ ان سان گڏوگڏ هيءَ برڪت بہ نصيب ٿي جو اَلحمدُ لِلّٰہ! منهنجو 19 سال پراڻو مرض نيڪ ٿي ويو. (1)

گرچہ بیماریاں، ہوں کہیں پتھریاں | پاؤ گے صحّتیں، قافلے میں چلو!
دُور ہوں گے اَلَم ہوگا ربّ کا کرم | غم کے مارے سُنیں، قافلے میں چلو!
ماں جو بیمار ہو، یا وہ ناچار ہو | رنج و غم مَت کریں، قافلے میں چلو! (2)

نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي فضيلت تي 2 حديثون

(1) **حديثِ پاڪ ۾ آيو آهي:** ڪنهن شَخص حُضُور پُر نُور، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو: بهترين ٻانهو ڪير آهي؟ پاڻ سڳورن فرمايو: ❖الله پاڪ کان ڊڄڻ وارو❖ صله رحمي (يعني رشتيدارن سان پلائي ۽ سنو سلوڪ) ڪرڻ وارو❖نيڪيءَ جي دعوت ڏيندڙ ۽ بُرائين کان روڪيندڙ.[3]

1...مفلوج کی شفا یابی کا راز، صفحہ:11-12ملخصاً۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:673 ملتقطاً۔
3 شُعَبُ الایمان، باب فی صلۃ الارحام، جلد:6، صفحہ:220، حدیث:7950۔

(2) رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مبلغين کي دعا ڏيندي فرمايو: الله پاڪ ان شخص کي تازو توانو رکي، جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ان کي ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.[1]

هر مسلمان مبلغ آهي

افسوس! اسان وٽ نيڪيءَ جي دعوت واري ڪم ۾ ٻه تمام گهٽي سستي ڏٺي ويندي آهي، بلڪ اڪثريت ته اِهو ڪم علماءِ ڪرام ۽ مسجدن جي امامن وغيره جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. يعني هي ذهن بڻجي چڪو آهي ته نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي آهي ته اُها امام صاحب ڏيندو، برائيءَ کان منع ڪرڻي آهي ته اُهو مولوي صاحب ڪندو. اسان جو ته اِهو ڪم نه آهي. مَعَاذَ الله!

ياد رکو! نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ هر مسلمان جي ذميداري آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (پارو: 4، سورة آل عمران: 110)

ترجموڪنزالعرفان: (اي مسلمانو!) توهان ٻلي امت آهيو جيڪا ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ظاهر ڪئي وئي، توهان ٻلائي جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ برائي کان منع ڪندا آهيو.

معلوم ٿيو ته هن اُمت جو خاص شان هي آهي ته هيءَ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ واري اُمت آهي. تنهنڪري جيڪو به مسلمان آهي، جيڪو به محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو اُمَّتي آهي، اهو مبلغ آهي. سيني کي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻي ئي ڪرڻي آهي.

1 ترمذی، ابواب العلم، باب ما جاء فی الحث علی تبلیغ السماع، صفحہ:626، حدیث:2656۔

نيڪيءَ جي دعوت ۽ اسان جون سُستيون

افسوس! هاڻي اسان جي حالت تمام خراب ٿي وئي آهي. نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي آهي، برائيءَ کان منع ڪرڻو آهي، عام طور اسان جو ان طرف ڌيان ئي نه هوندو آهي ❖گهَر جا پاڻي نماز نه پڙهندا آهن اسان کين چونداسين ته مڃي ويندا، پر پوءِ به اسان انهن کي نه چوندا آهيون ❖پٽ بالغ ٿي چڪو آهي، فجر جي نماز وقت سمهيو پيو هوندو آهي کيس اٿارينداسين ته اٿڻ شروع ٿي ويندو، پر اسان کيس اٿارندا ئي نه آهيون ❖گهر جون عورتون پردو نه ڪنديون آهن ۽ اسان کين چوندا به نه آهيون ❖حجام جي دڪان تي وينا آهيون، پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا آهيون ۽ اتي گانا به هلي رهيا آهن ته نه ان کي منع ڪندا آهيون ۽ نه ئي اتان اُٿي ويندا آهيون ❖بَس ۾ گانا هلي رهيا آهن، پر اسان ڊرائيور کي سمجهائڻ جي همٿ ئي نه ڪندا آهيون ❖ڪڏهن ڪڏهن ته اسان پنهنجي لاءِ گاڏي بُڪ ڪرائي هوندي آهي، اهڙي صورت ۾ ته ڊرائيور اسان جو پابند ٿي ويندو آهي، اسان کيس چونداسين ته هو مڃي ويندو، پر ان جي باوجود به اسان ان کي گانا ۽ موسيقي هلائڻ کان منع نه ڪندا آهيون. ان کان علاوه ٻيون به ڪوڙ ساريون صورتون آهن. سڃي ڏينهن ۾ اسان کي ڪيترائي ڀيرا نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ جو موقعو ملندو هوندو، پر اسان ائين ڪندا ئي نه آهيون اسان جو اهڙو ذهن ئي نه آهي، سوچ ئي نه آهي ۽ نه اسان جو ان طرف ڌيان ئي نه هوندو آهي.

پوءِ ٻڌايو! ❖جڏهن اسان نيڪيءَ جي دعوت ئي نه ڏيندا سين ته مسجدون ڪيئن آباد ٿيندیون؟ ❖ گهَرَ امن جو گهوارو ڪيئن بڻجندو؟ ❖ معاشري مان وياج جو خاتمو ڪيئن ٿيندو؟ ❖ ڏوڪو ❖ ڪوڙُ، غيبت، چغلي، واعدي

خلافي ❖ تور ۽ ماپ ۾ گهٽتائي ❖ بي حيائي، بي شرمي وغيره جهڙن گناهن کان معاشرو کيئن پاڪ ٿيندو.؟

ها ان ۾ اسان جو پنهنجو به نقصان آهي، هڪ مثال جي ذريعي اوهان کي سمجهايان ٿو. فرض ڪريو ته اسان ٻين کي کوڙ ڳالهائڻ کان منع ئي نه ٿا ڪريون، ڏوکو ڏيڻ کان به نه ٿا روڪيون. نتيجي ۾ هر ٻيو يا ٽيون ماڻهو کوڙ ڳالهائيندو، ڏوڪا ڏيندو ۽ نڪي ڪندو ۽ انهن سيني معاملن سان اسان کي به مُنهُن ڏيڻو پوندو آهي. جڏهن اسان ملاوٽ ۽ به نمبريءَ کان منع ئي نه ڪنداسين ته معاشري ۾ ملاوٽ عام ٿي ويندي نتيجو ڇا نڪرندو؟ اسان کي به خالص شيون نه ملنديون، نقصان ڪنهن جو ٿيو؟ منهنجو به، معاشري جو به ۽ اسان جي ايندڙ نسلن جو به. مطلب ته اسان سيني جو نقصان آهي. جيڪڏهن اسان سمورا مسلمان گڏجي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ شروع ڪريون ته اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! سالن ۽ مهينن ۾ نه، بلڪ ڏينهن ۾ ئي معاشري ۾ تبديلي اچي ويندي. ڪاش! اسان جي ان طرف توجهه ٿي وڃي.

نيڪيءَ جي دعوت نه ڏيڻ جا نقصان

نيڪيءَ جي دعوت نه ڏيڻ جو وبال ڇا آهي؟ ٻڌو! ❖منهنجي ۽ اوهان جي آقا، محبوبِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان ذات جو قسم، جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جانِ آهي! يا ته اوهان چڱيءَ ڳالهه جو حڪم ڏيندا ۽ برائيءَ کان منع ڪندا يا الله پاڪ اوهان تي جلد پنهنجو عذاب موڪليندو ۽ پوءِ جڏهن اوهان دعا ڪندا ته اوهان جي دعا قبول نه ڪئي ويندي.[1]

1... ترمذی، کتاب الفتن، باب ماجاء فی الامر ...الخ، صفحه:523، حدیث:2169۔

❖ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ حضرت جبرائيل عليه السَّلام کي حڪم ڏنو تہ فلاڻي شهر کي ان جي رهواسين سميت تباهہ ڪري ڇڏ. حضرت جبرائيل عليه السَّلام عرض ڪيو: اي ربَ! انهن ماڻهن ۾ تنهنجو هڪ فلاڻو نيڪ بانهو بہ آهي، جنهن اک چنيڙ جيتري وقت لاءِ بہ تنهنجي نافرماني نہ ڪئي آهي. الله پاڪ فرمايو: اَقْلِبْهَا عَلَيْهِمْ فَاِنَّ وَجْهَهٗ لَمْ يَتَمَعَّرْ فِيَّ سَاعَةً قَطُّ يعني شهر کي انهن جي مٿان اونڌو ڪري ڇڏ، چوتہ منهنجين نافرمانين کي ڏسي هن جو چهرو ڪڏهن بہ (ايماني غيرت سبب) تبديل نہ ٿيو. (1)

سُنّتوں کی کروں خوب خدمت
نیک میں بھی بنوں اِلتجا ہے

ہر کسی کو دوں نیکی کی دعوت
یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے[2]

نيڪيءَ جي دعوت جو هڪ اهم مقصد

پيارا اسلامي پائرو! اسان وٽ ماڻهن جو هي ذهن هوندو آهي تہ:

جيڪو مڃي ئي نہ ٿو، ان کي چوڻ فضول آهي.

اِها غلط ڳالهہ آهي. ڏسو! حضرت جَرجِيس رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 7 سالن تائين مسلسل نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا رهيا ❖ پاڻ حق ڳالهہ چوندا آهن، بادشاهہ لوهہ جي ڦٽين سان سندن جسم پاڪ کي چلرائي ڇڏيندو آهي، پر پاڻ پوءِ بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا آهن ❖ بدبخت بادشاهہ لوهہ جون ڪِليون سندن مٿي ۾ نوڪرائي ڇڏيندو آهي پر پاڻ پوءِ بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا آهن ❖ بادشاهہ سندن هٿن ۽ پيرن ۾ ميخون هڻائي کين جيل ۾ قيد ڪرائي ڇڏيندو آهي،

1... شعب الايمان، باب فی الامر...الخ، جلد:6 صفحہ:97 حدیث:7595۔
2 وسائلِ بخشش، صفحہ:139۔

پر پاڻ پوءِ بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا آهن ❖بادشاهہ کنهن بہ صورت ۾ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿي رهيو هو پر ان جي باوجود حضرت جَرجِيس رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو عمل نہ روکيو. ان مان معلوم ٿيو تہ کو مجي يا نہ مجي، اسان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيندو ئي رهڻ گهرجي. سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن ماڻهو گناهہ کرڻ تي ايترو پکو آهي، جو کيس لک پيرا سمجهايو وجي، تڏهن بہ هو گناهہ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو آهي، تہ پوءِ اسان **نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ** واري جنتي عمل ۾ ڪمزور ڇو ٿيون؟ اسان کي بہ گهرجي تہ هر وقت نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا رهون، ڏيندا رهون ۽ لڳاتار ڏيندا ئي رهون.

نہ مڃڻ وارن کي بہ سمجهائيندا رهيا

قرآن ڪريم ۾ آهي: جيڪي ماڻهو انتهائي ضدي ۽ هٺ ڌرم ماڻهن کي بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا رهندا هئا، انهن کي چيو ويو:

وَاِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ (پارو: 9 سورة اعراف: 164)

ترجمو ڪنزالعرفان: توهان انهن ماڻهن کي ڇو نصيحت ڪيو ٿا؟ جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي يا انهن کي سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي.

يعني هي ضدي ۽ هٺ ڌرم ماڻهو، جن کي ڳالهہ مڃڻي ئي نہ آهي، سِڌي رستي تي اچڻو ئي نہ آهي، انهن تي عذاب ئي نازل ٿيڻو آهي تہ پوءِ اهڙي ضدي قوم کي ڇو ٿا سمجهايو؟ انهن تي پنهنجو وقت ڇو ٿا ضايع ڪريو؟ مبلغين جواب ڏنو:

مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ

(پارو: 9، سورة اعراف: 164)

ترجمو كنزالعرفان: توهان جي رب جي دربار ۾ عذر پيش ڪرڻ جي لاءِ

يعني اِهي مجين يا نہ مجين، اسان جو ڪم نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ آهي. جيڪڏهن هي مجي وڃندا تہ انهن جو پلو ٽيندو ۽ جيڪڏهن نہ مجيندا تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ اِهو عذر تہ پيش ڪري سگهنداسين تہ مولا! اسان کين سمجهايو هو.

اِهو بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو هڪ مقصد هوندو آهي تہ اسان نيڪيءَ جي دعوت ڏني، اسان سمجهائي ڇڏيو، اسان جو فرض پورو ٿي ويو، هاڻي ٻڌڻ وارو جاڻي ۽ ان جو ڪم جاڻي. تنهنڪري اهڙا ماڻهو جيڪي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ کان بيزار ٿي ويندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ڇڏيو سائين! جڏهن کنهن کي مڃڻو ئي نہ آهي تہ پوءِ چوڻ مان ڪهڙو فائدو؟ پنهنجو وقت وِڃائڻ جو ڪهڙو فائدو؟ اهڙن ماڻهن کي گهرجي تہ هن واقعي مان عبرت حاصل ڪن ۽ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو ڪم ڪڏهن بہ نہ روڪين. اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي عادت ڪيئن بڻجي؟

نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجو معمول بڻائڻ جي لاءِ: ❖درس ڏيڻ جي عادت اختيار ڪريو! اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ڪتاب ۽ رسالا مكتبة المدينہ تان ملي وينداآهن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان موبائل ۾ ڊائونلوڊ (Download) بہ ڪري سگهجن ٿا، اُنهن

کي حاصل کريو ۽ گهر ۾ درس ڏيڻ شروع کريو، ويجهي مسجد ۾ درس ڏيو، جتي اوهان کي کنڌا آهيو، پوءِ اهو دڪان آهي، آفيس آهي يا کارخانو آهي، اتي به پنهنجن دوستن کي گڏ ڪري درس ڏيڻ جي عادت بڻايو ❖ اهڙي طرح هر نماز جي وقت پاڻ به جماعت کان اڳ مسجد ۾ پهچي وجو ۽ هڪ يا ٻن ماڻهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي، انهن کي به پاڻ سان گڏ مسجد ۾ وٺي اچڻ جي کوشش کريو ❖ قافلن ۾ سفر کريو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْکَرِيْم! تمام گهڻا فائدا نصيب ٿيندا اَلحمدُلِلّٰه! قافلن جي برڪت سان ❖ گهڻي کان گهڻو وقت مسجد ۾ گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ❖ باجماعت نمازون پڙهڻ آسان ٿي ويندو آهي ❖ نفل نمازون پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي ❖ علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ نصيب ٿيندو آهي ❖ اخلاق سنورجندا آهن ❖ ڪردار بهتر ٿيندو آهي ❖ دل صاف ٿيندي آهي ❖ باطني بيماريون دور ٿينديون آهن ❖ نيڪين ڪرڻ جو جذبو وڌندو آهي ۽ گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي. اَلحمدُلِلّٰه! قافلي جي برڪت سان نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ جي به چڱي پلي مشق ٿي ويندي آهي. تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ هر مهيني ٽن ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ جو معمول بڻايو. عام طور فيضانِ مدينہ مان هر جمعي تي قافلا سفر کنڌا آهن. پنهنجو جدول ناهي هر مهيني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جو معمول بڻايو .اِنْ شَآءَ اللّٰه الْکَرِيْم! ڪيترائي ديني ۽ دنياوي فائدا نصيب ٿيندا. ترغيب جي لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

باغ جو پينگهو

حيدرآباد جي هڪ پاڙي ۾ علائقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي هڪ (*Modern*) نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ جڏهن قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي تہ هن قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو لکرائي ڇڏيو. اجان قافلي ۾ سندس روانگيءَ ۾ ڪجهہ ڏينهن باقي هئا تہ قضاءِ الٰهيءَ سان ان جو انتقال ٿي ويو. سندس گهر وارن مان ڪنهن مرحوم کي خواب ۾ هن حالت ۾ ڏٺو، جو هُو هڪ سرسبز باغ ۾ نهايت خوش هو ۽ پِينگهي ۾ لُڏِي رهيو آهي. خواب ڏسڻ واري کانئس پڇيو: هتي ڪيئن پهچي وئين؟ ان نوجوان جواب ڏنو: دعوتِ اسلاميءَ جي قافلي سان گڏ آيو آهيان، الله پاڪ جو مون تي وڏو ڪرم ٿي ويو آهي. منهنجي ماءُ کي چئجو تہ هوءَ منهنجو غم نہ ڪري، مان هتي ڏاڍي سڪون ۾ آهيان.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ماهِ قافلا

پيارا اسلامي پائرو! **15 نومبر** تائين ماهِ قافلا جاري آهي، قافلن جي ڏوم ڏام آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ڪيترائي اسلامي پائر قافلن جا مسافر بڻجي چڪا آهن، جڏهن تہ ڪي اجان باقي آهن ۽ ڪن نيت بہ ڪئي هوندي. اوهان بہ همت ڪريو، جيڪي اجان تائين قافلي ۾ سفر نہ ڪري سگهيا آهن، اُهي جلد کان جلد دارُالسنّہ سان رابطو ڪريو، پنهنجي علائقي جي ذميدار کي پنهنجو نالو

لکرايو ۽ 15 نومبر تائين لازمي قافلي ۾ سفر ڪري ونو. الله پاڪ اسان کي نيڪ ڪم ڪرڻ، ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

قافلن بابت اميرِ اهلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا 5 فرامين:

(1) مان قافلي وارو آهيان، مون کي قافلن سان پيار آهي. (2) قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان دِين جو دَرد ۽ جذبو نصيب ٿئي ٿو. (3) قافلو سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي. (4) هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ ضرور سفر ڪرڻ گهرجي، چو ته ان سان (روحاني) بيٽري چارج رهندي آهي. (5) اسان گناهن جا مريض آهيون ۽ دوا ڪُوڙي هوندي آهي، تنهنڪري قافلو نَفس جي لاءِ دُشوار آهي، ان ڪري قافلي ۾ سفر ڪرڻ کي پنهنجو معمول بڻائي ونو[1].

الله پاڪ اسان کي نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

المدينہ آنلائن لائبريري

پيارا اسلامي پائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو I.T ڊپارٽمينٽ ڏينهون ڏينهن اسان کي علمِ دين سکڻ جا آسان ذريعا فراهم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. سوين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل المدينہ آنلائن لائبريري، جيڪا اڳ ۾ صرف

1 2 1دينى كام(مجلد)، صفحه:539-541 ملتقطاً۔

ڊيسڪ ٽاپ ورزن (*Desktop version*) ۾ هئي، تنهن کي هاڻي ويب ورزن (*Web version*) ۾ (*Live*) ڪيو ويو آهي. **المدينہ آنلائن لائبريري** ۾ مڪتبۃُ المدينہ جا مختلف موضوعن (مثال طور قرآن ۽ سنت، اسلامي عقيدا، فقہ و فتاويٰ، اسلامي تعليمات، اخلاق ۽ آداب، سيرتِ رسولِ عربي، سيرتِ امهاتُ المؤمنين، سيرتِ صحابہ ۽ صحابيات، سيرتِ اولياءِ ڪرام، سيرتِ اميرِ اهلِ سنت، ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت ۽ فيضانِ مدني مذاڪره، اوراد ۽ وظائف، نعتيہ ڪلام وغيره) تي مشتمل ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. **المدينہ آنلائن لائبريري** مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ ***www.dawateislami.net/bookslibrary*** وزٽ ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڪجهہ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ هر ڇنڇر تي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ ڇنڇر تي ٻہ عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي تقريباً رات جو 8 وڳي اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب ٻہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ ٻہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي ٻہ ان جي دعوت ڏين ❖ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفۂ امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو: **پهريان توريو پوءِ ڳالهايو** (گفتگو

جا آداب قسط:9) رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ ۾ پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏيارِيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو! ❖ مكتبةُ المدينه پاران 7 سالن جي ننڍڙي ڇمار ۾ قرآنِ پاڪ حفظ ڪندڙ، 20 سالن جي ڇمار ۾ سمورا ديني عِلم حاصل ڪري عالِم بڻجندڙ ۽ لاتعداد خوبين جا مالڪ، حضرت سيد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي سِيرتِ طيبه تي لکيل ۽ رسالا: "فيضانِ سيد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه" ۽ "شانِ رفاعي" شايع ڪيا آهن، جن ۾ حضرت امام احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي سيرت کي بيان ڪيو ويو آهي. رسالو "فيضانِ سيد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه" فقط 12 رپين ۾ ۽ "شانِ رفاعي" فقط 15 رپين ۾ مكتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان حاصل ڪري سگهجي ٿو. پاڻ به هنن جو مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيارِيو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سينہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:9 صفحه:343.

حِلم (قُوتِ برداشت) سنتِ مصطفيٰ آهي

مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا ٻہ فرمان آهن: **(1):** حِلم وارو شخص دنيا ۾ ٻہ سردار آهي ۽ آخرت ۾ ٻہ سردار آهي. [1] **(2):** حِلم جي ذريعي ٻانهو ڏينهن جو روزو رکڻ ۽ رات جو قيام (يعني عبادت ڪرڻ) واري جو درجو حاصل ڪري ونندو آهي. [2]

اي عاشقانِ رسول! حِلم، سنتِ مصطفيٰ آهي.[3] ❖ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ٻہ اجايو ڪاوڙ نہ ڪئي ❖ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ذات جي معاملي ۾ ڪنهن کان ٻہ انتقام نہ ونندا هئا❖ اڳين آسماني ڪتابن ۾ سندن هي وصف ٻہ بيان ٿيو آهي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان جيترو جاهلاڻو رَوَيو اختيار ڪيو ويندو، سندن حِلم اوترو ئي وڌندو ويندو. [4]

حِلم جي باري ۾ مدني گُل: ❖ حِلم الله پاڪ جي صفت آهي ❖ حِلم الله پاڪ جي پسنديده صفت آهي❖ حِلم نبين سڳورن جي سنت آهي❖ حِلم جي معنيٰ آهي: آهستگي، بردباري (نرم مزاجي).

امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تَحَمُّل (يعني بردباري) ڪاوڙ پيئڻ کان وڌيڪ افضل آهي، جوتہ ڪاوڙ کي برداشت ڪرڻ جي ضرورت ان شخص کي پوندي آهي، جنهن جي ڪاوڙ تمام گهڻي وڌي وڃي، جڏهن تہ حِلم واري شخص کي ڪاوڙ جي وقت جوش ايندو ئي نہ آهي. [5] ❖ حِلم سان بزرگي ملندي آهي.

1...جامع صغير، صفحہ:233، حديث:3831۔
2...مَجْمَعُ الزَّوائد ، كتابُ الْأدب، باب حُسْنِ اَخْلاق کے بيان ميں، جلد:8، صفحہ:19، حديث:12687۔
3 معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:369، حديث:6273۔
4... ابن حبان، كتاب البر والصلة، باب الاستحباب للمرء ان ...الخ، صفحہ:194، حديث:288 ماخوذاً۔
5...ا احْيَاء العلوم ، كتاب ذم الغضب و الحقد والحسد، بيان فضيلة الحلم، جلد:3، صفحہ:218 خلاصۃً۔

حَليم بٹجڻ جا طريقا: ❖ حِلم تَکَلُّف سان پيدا ٿيندو آهي، يعني ٻانهو کوشش ۽ محنت سان پاڻ کي کاوڙ برداشت کرڻ جو عادي بٹائي ڇڏي، تہ آهستي آهستي سندس طبيعت ۾ حِلم پيدا ٿي ويندو❖ عمامو ٻڌڻ سان حِلم وڌندو آهي.[1] ❖ ٻکريون چارڻ سان بہ طبيعت ۾ حِلم پيدا ٿيندو آهي. ❖ قافلن ۾ سفر سان حِلم وڌندو آهي.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل کتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاہِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

1 معجم کبير، جلد:1، صفحہ:145، حديث:518۔

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٹ هڪ پيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيَڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثاني، ص277

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ پيرو پڙهڻ سان چهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم کيس پنهنجي ءِ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰهُعَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ کرام رَضِیَ اللّٰهُعَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص کير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

﴿7﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص2125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڑهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

﴿2﴾ ڇٽ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفٰے صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڇٽ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
2... ابن عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455